SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1987

SINDH ORDINANCE NO. III OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (پي ترميم) آرڊيننس، 1987

THE SIND LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

فهرست (Contents)

تمهيد

Preamble

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 کي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 121 جي ترميم

Amendment of Section 121 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڪجهه قدم ۽ احڪامن جي توثيق

Validation of certain action and orders.

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه، 1987

SIND ORDINANCE NO. III OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1987

THE SIND LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

[19 اپريل، 1987]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي

آرٽيڪل 128 جي شق (1)هيٺ ،مليل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

.1(1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻئي ترميم) آرڊيننس 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 کي سنڌ آرڊيننس XIIجي دفعہ 121 جي ترميم

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 121 ۾، ذيلي دفعہ (5) کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو.

Amendment of Section 121 of Sindh Ordinance XII of 1979

"5_A جتي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو مئير، ڊپٽي مئير ۽ ميمبر بورڊ جا چيئرمين ۽ ميمبر نہ ٿا رهن، حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪوشخص يا ڪااختياري چيئرمين ۽ ميمبرز جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي "

ڪجهہ قدم ۽ احڪامن جي توثيق

Validation of certain action and orders.

3. دفعہ 58 کي ذيلي دفعہ (2) تحت مقرر ڪيل شخص طرفان سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس جي باب XVI تحت ڪنيل ڪو قدم يا جاري ڪيل ڪو حڪم، جيڪو 15 فيبروري 1987 کان شروع ٿيندڙ عرصي دوران هوندو ۽ جيستائين ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 121 جي ذيلي دفعہ (5_A) تحت ڪنهن کي چيئرمين مقرر ڪيو نہ مقرر ڪيل شخص جي ان قدم کي ڪارگر سمجهيوويندو.

نوٽ: آرڊيننس **جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**